## ٻڍايون سُک جو ڪو سنسار

هيءُ گيت عبدالڪريم ”گدائي“ جو لکيل آهي. هو جنوري 1901ع ۾ جيڪب آباد ۾ ڄائو هو. پوسٽ کاتي ۾ ملازمت ڪيائين. جتان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ صحافت سان لاڳاپيل رهيو. سٺو شاعر هو. نظم کان سواءِ نثر به لکيو اٿس، سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا ”پڪڙا ۽ پنهوار“، ”ساٽيھ جا سور“ ۽ ”پيماني تي پيمانو“ ڇپيل آهن.

هڪٻئي ساڻ حقارت ڇاڄِي؟ انسانن سان نفرت ڇاڄِي؟
ڪِينو ساڙ ڪدورت ڇاڄِي؟ مذهب پنهنجو پيار،
ٻــڍــايــون سُک جو ڪو سـنسـار.

ذاتيون، پاتيون، فخر وڏايون، رنگ نسل جون سڀ اَرڏايون،
آهن جنگ فساد جو باعث، زهر سندو پرچار،
ٻــڍــايــون سُک جو ڪو سـنسـار.

جنگ جدل آهي ڇوڏارِي، انسانن جو رت آ جارِي،
ساڙي آهي دنيا ساري، نفرت جي پرچار،
ٻــڍــايــون سُک جو ڪو سـنسـار.

رنگ نسل سڀ ڊونگ اجايا، پيٽ ٻڪئي جا سانگ ٻڌايا،
گوري ۾ ڇا، ڪاري ۾ ڇا، ساڳيو آھ ستار،
ٻــڍــايــون سُک جو ڪو سـنسـار.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1- جنگ ۽ فساد جو باعث ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟

2- نفرت جي پرچار جو ڪهڙو نتيجو نڪتو آهي؟

**(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

حقارت – ڪينو – ساڙ – سنسار – ڪدورت – ارڏايون.

**(ج) هم آواز لفظن کي قافيو چئبو آهي، جيئن: حقارت جو ڪدورت.**

**توهين هن نظم مان هم آواز لفظ ڳولي لکو.**

**(د) هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:**

○ جنگ جدل آهي چوڏاري، ____________ جو رت آ جاري،

ساڙي آهي ____________ ساري، نفرت جي پرچار.

ٻٽايون سُک جو ڪو سنسار.